# پاڪستان ۾
# نئيُن جي آبپاشي نظام وارن علائقن ۾ ننڍين فصلن جي پوڪ



RDF

Oxfam

Spate Irrigation Network Pakistan

## پاڪستان ۾ نئيُن جي آبپاشي نظام وارن علائقن ۾ ننڍن فصلن جي پوک


ليکڪ: ڪريم نوازءِ ڊاڪٽر فرينڪ وين اسٽين برجن

سهيڙيندڙ: اسپيٽ ايريگيشن نيٽ ورڪ، پاڪستان

ترجمو: ريسرچ اينڊ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن (RDF)

سهڪار: آڪسفيم نووب

سال: 2015ع

تعداد: 500

ڇپائيندڙ: ريسرچ اينڊ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن (RDF)

اَي 50، سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد

ٽيليفون: 2-2102703-22-92 فيڪس: 2102704-22-92


## Minor Crops on Spate Irrigation in Pakistan


| | |
|---|---|
| Writer: | kareem Nawaz & Dr. Frank van Steenbergen |
| Compiled by: | Spate Irrigation Network, Pakistan |
| Translated by: | Research and Development Foundation, (RDF) |
| Supported by: | Oxfam Novib |
| Year: | 2015 |
| Quantity: | 500 |
| Published by: | Research and Development Foundation |
| | A-50, Sindhi Muslim Housing Society, Qasimabad Hyderabad |
| | Tel:92-22-210203-2 Fax: 92-22-2102704 |
| | www.rdfoundation.org.pk |

## 1- تعارف:

هن مضمون جو مقصد پاڪستان ۾ نئيُن وارن علائقن ۾ ننڍن فصلن جي پوکيءَ جي امڪانن جو جائزو پيش ڪرڻ آهي. انهيءَ کان سواءِ انهن فصلن کي هٿي ڏيڻ لاءِ صلاحون پڻ ڏنيون ويون آهن تہ جيئن ننڍن فصلن جي پيداوار ۾ گهٽي کان گهٽو واڌارو ڪري سگهجي. ننڍن فصلن مان ڪهڙي مُراد آهي؟ ان لاءِ اسان کي ڪنهن حتمي تناظر ۾ ڏسڻ بجاءِ لاڳاپيل حالتن جو جائزو وٺڻو پوندو. جڏهن ‘ننڍي فصل’جو ذڪر ٿيندو آهي تہ انهيءَ جو مطلب اهو هوندو آهي تہ اهو فصل ڪنهن گهٽي وڏي ايراضيءَ تي پوکيل فصل جي ڀيٽ ۾ هڪ گهٽ ايراضيءَ تي پوکيو ويجي ٿو ، پر ڪنهن هڪ علائقي ۾ پوکيل ننڍو فصل،ڪنهن ٻئي علائقي ۾ وڏي فصل طور بہ ٿي سگهي ٿو. وڏن فصلن جي پوک خاص طور تي غذائي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي، جڏهن تہ ننڍن فصلن جي پوک ڪجهہ محدود علائقن يا ايراضيءَ ۾ ڪئي ويندي آهي. ننڍا فصل اڪثر ڪري وڏن فصلن سان گڏ پوکيا وڃن ٿا.



جتي صرف وڏن فصلن جي پوکي ڪئي وڃي ٿي، اتي انهن کي زرعي تحقيقي ادارن، تجارتي بنياد تي پوکي ڪندڙن ۽ مدد ڪندڙ تنظيمن جو ڀرپور ڌيان حاصل هوندو آهي. زراعت کي هٿي ڏيڻ وارا ادارا اڪثر ننڍن فصلن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ان جو ڪارڻ اهو هوندو آهي تہ انهن جي نظر گهڻو ڪري انهن فصلن تي هوندي آهي، جن سان سڌو سنئون ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت پوري ٿئي ٿي. ملڪي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ننڍن فصلن جي پيداوار اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي ۽ نئيُن ذريعي آبپاشيءَ وارن علائقن جا آبادگار انهن فصلن مان بهتر آمدني حاصل ڪري سگهن ٿا. اسان جو زرعي نظام ڪن فصلن جي پوکيءَ لاءِ انتهائي سازگار ماحول تي ٻاڙي ٿو. ننڍن فصلن جي پوکي مقامي حالتن ۾ ان جي اهميت، افاديت ۽ زراعت جي مجموعي نظام مطابق ڪئي وڃي ٿي. نئيُن واري آبپاشيءَ نظام سان آباد ٿيندڙ علائقن ۾ هڪ ئي وقت يا ساڳي زمين تي هڪ کان وڌيڪ فصل پوکيا وڃن ٿا. مثال طور ميويدار وڻ ۽ سبزيون وغيره. اهڙيون جنسون جيڪي روزمره جي غذا جو حصو ناهن هونديون ۽ جانورن

جو چارو، تيلي ٻج، داليون ۽ ان کان علاوه ڦريون ۽ گاهه. جن کي هڪ ئي زمين ۾ پوکيو وڃي ٿو پر انهن جي پوکي گهٽي کان گهٽي ٻه 10 سيڪڙو پوک هيٺ ايراضيءَ تي ڪئي وڃي ٿي. ننڍن فصلن لاءِ پوک هيٺ ايراضي گهٽ ٿي سگهي ٿي، پر ان مان حاصل ٿيندڙ آمدني وڌيڪ ٿي سگهي ٿي. مثال طور مصالحا ۽ دوائن جي تياريءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوٽيون. انهن مان حاصل ٿيندڙ آمدني وڏي فصل جي مقابلي ۾ گهٽي ٿي سگهي ٿي.

## 2- ڪجهه اهم ننڍا فصل:

هڪ عام خيال آهي ته ڪجهه علائقا اهڙا ٻه آهن جن جي آبهوا، زمين جي بناوت ۽ پاڻي ننڍن فصلن جي پوکيءَ لاءِ وڌيڪ مناسب آهن. نئين واري پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ صدين کان ننڍن فصلن جي پوکي ٿيندي پئي اچي. ڪجهه ننڍا فصل قدرتي طور پيدا ٿيندا آهن. چاڪاڻ ته انهن جا ٻج يا ته زمين ۾ اڳ ئي موجود هوندا آهن يا وري نئين واروهڪرو پاڻ سان گڏ ڪٽي ايندو آهي. اهڙا فصل پوکڻ جي لاءِ ڪنهن خاص تياريءَ جي ضرورت نه هوندي آهي، پر فرق زمين جي بناوت جو هوندو آهي.

ٻاجهيون، ڦريون، تيلي ٻج ۽ ڪجهه اهڙا ٻيا فصل انهن علائقن ۾ آسانيءَ سان پوکي سگهجن ٿا، جتان ٻوڏ جو وڏو وهڪرو گذريو هجي. مقامي آبادگارن جي اها دعوي آهي ته نئين جي وهڪري کان پوءِ ٿيندڙ گهم جي ڪري نهري آبپاشي نظام هيٺ پوکجندڙ فصلن جي ڀيٽ ۾، انهن جي پيداوار جو ذائقو رنگ ۽ شڪل گهڻو بهتر هوندي آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته في ايڪڙ پيداوار گهٽ ٿي سگهي ٿي. هيٺ نئين ذريعي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ ننڍن فصلن جا قسم، پيداوار ۽ انهن جي اهميت جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

### جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا مختلف قسم:



ڊيره غازي خان ۾ نئين ذريعي آباد ٿيندڙ علائقن ۽ بلوچستان جي ڪڇي جي ميدانن ۾ جوئر جي مختلف قسمن جي پيداوار ڪئي ويندي آهي. سنگهڙ نئين جي پاڻيءَ سان آباد ٿيندڙ علائقن ۾ جوئر جي مقامي جنس جي پوک ڪئي وڃي ٿي. ان ۾ "گهوگها" ۽ "چٽيالہ" جون جنسون شامل آهن. جوئر جي ان خاص قسم جي ارتقا مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي پوري ملڪ ۾ ڪٿي نه پر پنهنجي علائقي جي ڪنهن ٻه ٻئي قسم سان مقابلو ڪري سگهي ٿي.

ڊيره غازي خان جي "ڪنوان" ۽ "باني" وارن علائقن ۾ ٻه ٻاجهريءَ جي پوک مشهور آهي. هيءُ هڪ اهڙو قسم آهي، جيڪو سوڪهڙي ۾ ٻه پيداور ڏئي ٿو. ان کي مقامي طور تي چوپائي مال جي خوراڪ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته ان جا اڌ پڪل سنگ ڪچا ٻه کائي سگهجن ٿا. ٻاجهريءَ کي مقامي منائين ۾ ٻه استعمال ڪيو ويندو آهي.

### معياري پيداوار:

نئيُن جي پاڻيءَ ذريعي آباد ٿيندڙ علائقن ۾ غذائي فصلن جي پوک لاءِ نـه ئي ڪيميائي ڀاڻ ۽ نـه ئي جراثيم مار دوائون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. هي فصل قدرتي طور پيدا ٿيندا آهن. ان ڪري انهن جي قيمت مصنوعي ڀاڻ سان پيدا ٿيندڙ فصلن جي مقابلي ۾ گهٽي هوندي آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ قدرتي فصلن جي مارڪيٽ هندستان جي ڀيٽ ۾ محدود آهي ۽ ان کي اجا تائين مناسب ترقي ناهي ڏني وئي. بهرحال هن حقيقت کي سيئي مڃن ٿا تـه ٻوڏ واري پاڻيءَ سان پوکيل فصلن جو معيار ۽ ذائقو تمام سٺو هوندو آهي. پري هئڻ جي ڪري انهن علائقن جي پيداوار کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ جي سهولت نـه هئڻ جي برابر آهي، ان ڪري انهن فصلن کي مقامي طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي.



ٻاجهريءَ ۾ پروٽين جو مقدار وڌيڪ هوندو آهي، ان ڪري ڪجهه خاص علائقن ۾ سردين جي موسم ۾ ان کي عام غذا طور استعمال ڪيو ويندو آهي، خاص طور سردين ۾. پر شهري علائقن جا ماڻهو ان کي عام غذا طور استعمال ناهن ڪندا. ان کي گهڻو ڪري جانورن ۽ ڪُڪڙين جي خوراڪ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. سموري ملڪ ۾ ان کي پالتو پکين ۽ ڪُڪڙين جي چُوزن جي خوراڪ طور بـه استعمال ڪيو ويندو آهي.

### گدرو، چانهين / هنداڻو ۽ ولين وارين ڀيون ڀاجيون ۽ ميوا:

گدري جي پوک ڊيره غازي خان ۾ نئيُن جي پاڻيءَ سان لتڙه ۽ خيبرپختون خواهه ۾ ڪلاچي ۽ جامشوري ۽ دادوءَ جي علائقن ۾ ڪئي ويندي آهي. جيڪا پاڪستان ۾ مشهور آهي. جابلو نئيُن جي پاڻيءَ تي لتڙه ۾ پيدا ٿيندڙ گدرو علائقي ۾ گهڻو مشهور آهي. جڏهن تـه ڪلاچي ۾ پيدا ٿيندڙ گدرو ضلعي جي حدن کان ٻاهر بـه ڪپايو ويندو آهي. ٻين علائقن جا آبادگار انهن علائقن جو محفوظ ٿيل ٻج بـه استعمال ڪندا آهن. چاڪاڻ تـه ان کي گهٽ پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي ۽ انهن تي ڪيڙن ماڪوڙن جو حملو بـه گهٽ ٿيندو آهي. ضلعي ڪڇي بلوچستان جي گدري کي بهار جي موسم جي نئيُن واري پاڻيءَ تي پوکيو ويندو آهي. اهو سٺي قيمت تي بلوچستان ۽ سنڌ جي مارڪيٽن ۾ ڪپي وڃي ٿو. گدري سان ملندڙ جلندڙ هڪ ميوو جنهن کي ٽِينڊڪ (ٽِينڪ) بـه چيو وڃي ٿو سو ڊيري غازي خان جي علائقن لتڙا، ٻاٽي ۽ ڪنوان جي علائقن ۾ پوکيو وڃي ٿو. جڏهن اهو ڪچو هجي تـه ان کي بطور ڀاڄي جي بـه استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي مقامي طور تي اچار ناهڻ لاءِ بـه استعمال ڪيو ويندو آهي. جڏهن تـه ان جو پڪل منو اندروني حصو انساني غذا طور ڪم ۾ آندو وڃي ٿو ۽ باقي حصو جانورن جي خوراڪ بڻجي وڃي ٿو. ان جو ٻج مقامي طور تيار ٿيندڙ مناين ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻج ۽ ان مان نڪرندڙ تيل يوناني دوائن جي تياريءَ ۾ بـه ڪم ايندو آهي. اهڙيءَ طرح ان جي پيداوار جو ڪو بـه حصو بيڪار نـه هوندو آهي. ٽينڊڪ جيڪو ظاهري طور هڪ جهنگلي گدرو نظر ايندو آهي، ان کي مقامي طور تمام گهڻن مقصدن لاءِ صدين کان استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان جي شڪل ۽ ذائقو ڪالاهاريءَ جي صحرائي علائقن ۾ پيدا ٿيندڙ گدرن سان ملندڙ

جلندڙ آهي. ماهرن موجب هي گدري جي ابتدائي شڪل آهي. ٽيٽڪ هڪ ننڍو فصل آهي، جنهن کي آبادگار اڱوٽي فصل مان گڏ ٿيل ٻجن مان پوکين ٿا. جهنگلي گدرو، جوئر ۽ ڦرين سان گڏ واڌو اپت طور پوکيا ويندا آهن. ان کان سواءِ اهي ٻنين جي ڪنارن جي زمين ۾ ڏار نموني ۾ پوکيا ويندا آهن. ان لاءِ انهن کي تمام گهٽ پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. گدري جي شڪل جي هڪ ٻئي قسم کي سنڌيءَ ۾ تُوهه چيو ويجي ٿو. تُوهه صرف دوائن ٺاهڻ جي ڪم اچي ٿو ۽ ان جو ذائقو انتهائي ڪوڙو هوندو آهي. سموري ملڪ ۾ اهڙيون يوناني دوائون تيار ڪندڙ ادارا ۽ فرد ان کي خريد ڪن ٿا. تُوهه ٻڪرين ۽ اٺن جي غذا طور به استعمال ڪيو ويندو آهي.



نئين جي پاڻيءَ وارن علائقن جا آبادگار ٻين ڪيترين ئي ڀاڄين جي پوک ڪن ٿا، جن جو واسطو زمين ۾ موجود گهم سان هوندو آهي. ان ۾ ميها، توري، ڪيرو ۽ ڀينڊي وغيره شامل آهن. انهن جي پيداوار منڊين ۾ کپائڻ بدران مقامي آباديءَ جي غذائي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي.

نئين جي پاڻيءَ ذريعي آباد ٿيندڙ علائقن جا آبادگار ٻين ڪيترين ئي ڀاڄين جي پوک پڻ ڪندا آهن، جن جو تعلق زمين ۾ موجود گهم ۽ موسم سان هوندو آهي. انهن ۾ ميها، توريون، ڪيرا، ڀينڊيون ۽ ٻيون شامل آهن. انهن جي پيداوار مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ بجاءِ مقامي آباديءَ جي غذائي ضرورتن جي پورائي لاءِ هوندي آهي.



### گوار:

ڪجهه ننڍا فصل تجارتي مقصدن لاءِ پوکيا وڃن ٿا ۽ اها سڄي اُپت يا ان جو ڪجهه حصو عالمي مارڪيٽ ۾ پڻ کپايو وڃي ٿو. اهڙن فصلن مان گوار جو فصل به هڪ آهي، جنهن مان حاصل ٿيندڙ ڪنئور صنعتي مصنوعات جي تياريءَ ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن ۾ بسڪيٽن ۽ ٽافين کان وٺي آتشي اسلحي ۾ استعمال ٿيندڙ بارود جي پائوڊر ۽ ڪپڙا رنگڻ جو سامان شامل آهي. گوار خوراڪ طور به

مقبول آهي. گوار جي پوک هڪ اهڙي موسم ۾ ڪئي ويندي آهي، جڏهن زمين ۾ موجود گهم ۾ ٻوڙ واري پاڻيءَ جا ريلا جوئر ۽ ڪڪڙ جي پوک جي ضرورت کان گهٽ هوندا آهن. هن فصل جي لاءِ واريا سي زمين گهڻي مناسب هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ نائٽروجن جو چڱو مقدار هوندو آهي. ان ڪري ان جي پوک سان ايندڙ فصلن جي لاءِ زمين وڌيڪ زرخيز ٿيندي آهي. انهن علائقن ۾ گوار آبادگارن جو پسنديده فصل آهي، ڇاڪاڻ ته انهن لاءِ هيءَ هڪ اهڙو فصل آهي، جنهن ۾ پاڻيءَ جي ضرورت تمام گهٽ هوندي آهي. گوار جي ڪچين ڦرين کي ڀاڄيءَ طور پچايو ويندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ معدني جزا ۽ ريشا شامل هوندا آهن. ان کان علاوه گوار ٻڪرين، رڍن، جانورن ۽ اٺن جي پڃ هڪ اهم غذا آهي. مارڪيٽ ۾ ٻين فصلن جي ڀيٽ ۾ هن جو پوسو بهتر قيمت ۾ ملي ٿو ڇاڪاڻ ته ان کي دير تائين ذخيرو ڪري سگهجي ٿو.

### گوار جو مارڪيٽ ۾ وڪرو:

پاڪستان جو شمار گوار پيدا ڪندڙ اهم ملڪن ۾ ٿئي ٿو جڏهن ته ان جي پيداوار آمريڪا جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي، جتي ٽڪساس جي رياست ۾ سڀ کان وڌيڪ گوار پوکي وڃي ٿي. مقامي منڊين جي هڪ اندازي موجب گوار جي ساليانې اُپت سراسري طور 70 هزار ٽن آهي. ان جي ساليانې اُپت 50 هزار کان هڪ لک 10 هزار ٽن هوندي آهي. مارڪيٽ ۾ قيمت گهٽ وڌ ٿيندي رهي ٿي. 2009ع ۾ گوار جي قيمتِ خريد 36 روپيا في ڪلو هئي، جڏهن ته 2008ع ۾ اها قيمت 13 روپيا في ڪلو هئي. 2009ع ۾ قيمت ۾ ايتري وڏي واڌ جو ڪارڻ اهو هو ته ان سال ٻوڙ واري پاڻيءَ جو مقدار تمام گهٽ هو ۽ وڌيڪ برساتون به نه پيون هيون. اهڙيءَ طرح تمام وڏي حصي تي گوار جي پوکي نه ٿي سگهي.

پاڪستان ۾ گوار جي خريد ۽ وڪري تي محدود تعداد ۾ ٿوڪ وارن واپارين ۽ ڪارخانيدارن جي هڪ هٽي آهي، جيڪي مارڪيٽن ۾ قيمت جو تعين ڪن ٿا. ان کان اڳ ملڪ ۾ صرف چار ڪارخانا هئا ۽ اهي سڀ ڪراچيءَ ۾ ئي هئا. ڪارخانا گوار جي ٻج کي هڪ خاص عمل (Process) مان گذارڻ کان پوءِ وڪري لاءِ مارڪيٽ ۾ آڻين ٿا، ان ۾ ڪنئور کي ڌار ڪن ٿا ۽ فصل جو پوسو به وڪرو ڪن ٿا. گوار جي ٻج مان حاصل ٿيندڙ ڪنئور کي پائوڊر ۾ تبديل ڪري آمريڪا برآمد ڪيو وڃي ٿو.



## داليون:

پاڪستان ۾ نئيُن واري آبپاشي نظام تي آباد ٿيندڙ سمورن علائقن ۾ مختلف قسم جون داليون هڪ ئي وقت وڏن فصلن سان گڏ پوکي سگهجن ٿيون. قدرتي صلاحيتن جي ڪري هي زمين جي زرخيزيءَ کي برقرار ۽ وڌائين ٿيون. انهن کي ٻين ڪيترن ئي فصلن سان گڏ پوکي سگهجي ٿو جن ۾ مگ، سفيد چڻا ۽ ٻيا مقامي قسم شامل آهن. ڊيرا غازي خان ۽ ڊيره اسماعيل خان، ملڪ ۾ چڻن جي پيداوار جا وڏا علائقا آهن. انهن علائقن جا آبادگار اهڙين زمينن کي ترجيح ڏيندا آهن، جتان پاڻي نڪري ويو هجي چاڪاڻ ته اهي فصل سوڪهڙي جي حالت ۾ گهٽ پاڻيءَ ۾ به سٺي اپت ڏين ٿا.

## جهنگلي جڙيون ٻوٽيون:

جيتوڻيڪ انهن جي پوکي به ڪئي ويندي آهي، پر ڪيترائي ننڍا فصل پاڻ مرادو ٿيندا آهن. عام طور تي ٻوڏ واري آبپاشي نظام کان پوءِ زمين ۾ موجود ان جا ٻج قدرتي طور تي ڦٽي پون ٿا. سائئون (Sanwak) ۽ سموکها به اهڙا فصل آهن. جيڪي ايٿوپيا ۽ اريٽريا (Eritrea) ۾ به ٿين ٿا. اهي گهڻ مقصدي آهن ۽ نئيُن جي پاڻيءَ جي ذريعي آباد ٿيندڙ علائقن جي آبادين جي مختلف غذائي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا. انهن جي ٻج مان ڏارو ۽ ماني پڻ ٺاهي وڃي ٿي. انهن جا پن گهرن جون ڇتيون ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندا آهن. جڏهن ته انهن جا ٻوٽا جانورن جي غذا جو ڪم ڏين ٿا. خاص طور تي ڏڪار جي ڏينهن ۾ سائئون (Sanwak) هڪ ساليانو ۽ دائمي فصل آهي، جيڪو جابلو نئيُن جي پاڻيءَ سان آباد ٿيندڙ علائقن ۾ قدرتي طور پيدا ٿيندو آهي.

### ڪُنيي (Truffle):

قدرتي طور پيدا ٿيندڙ فصلن ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ڪُنيي جا مختلف قسم آهن، جن ۾ زمين اندر ڦٽڻ واريون ڪنييون شامل آهن. هي صحرائي ڪُنييون ٻين فصلن سان گڏ قدرتي طور تي ڦُٽن ٿيون ۽ يورپي ملڪن ۾ انتهائي مهانگي اگهن تي وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. پر پاڪستان ۾ ڪُنيين جي فصل جي وڪري جي امڪانن جي باري ۾ اڃا تائين ڪا به رٿابندي نه ڪئي وئي آهي.

سائئين سان ڀريل ٻنيون جانورن لاءِ بهترين چراگاهه هونديون آهن ۽ جهنگلي جانورن ۽ پکين جي لاءِ پناهگاهه طور ڪم اچن ٿيون. سبز انقلاب ۽ اڄ کان تقريباً 50 سال اڳ انهن چراگاهن کي سائئين (سانوڪ) جي پيداوار جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ مقامي آباديون سائئين جي ٻجن مان ڏارو ناهينديون هيون، جيڪي سندن خوراڪ لاءِ لازمي جز هونديون هيون. ان مان ماني به ناهي ويندي هئي، جنهن جي شڪل ايٿوپيا ۽ اريٽريا جي مانين"انجيرا"سان ملندڙ جلندڙ هئي. جابلو نئيُن جي پاڻيءَ وارن علائقن ۾ ڏڪار وارن ڏينهن ۾ سائئون، جُوئر جو بهترين متبادل هو. پاڪستان جي ڪِن علائقن ۾ سائئين جو ڏارو ماکيءَ سان گڏ استعمال ڪيو ويندو هو. مقامي ماڻهو هڪ خاص طريقي سان ان جو ٻج صاف ڪندا آهن ۽ ان جي لاءِ پڪي مٽيءَ سان ٺهيل کونڊيءَ ۽ ڪاٺين جو دستو استعمال ڪندا آهن، چاڪاڻ ته سائئين جو ٻج تمام ننڍو هوندو آهي ۽ ان جو وزن به گهٽ هوندو آهي. ان لاءِ اهو ڪُٽڻ جي عمل دوران آسانيءَ سان کونڊيءَ کان ٻاهر نڪري اچي ٿو. مقامي عورتون ان مسئلي جي حل لاءِ کونڊيءَ کي سوٽي ڪپڙي يا ڪاغذ سان ڍڪي ڇڏين ٿيون.

پاڪستان ۾ اهڙا ٽي قسم پيا ٿا آهن. جن ڪي چينڙا ۽ سموڪا (Smookha) جي نالن سان سڃاتو وڃي ٿو ۽ اهي سائنين جون پاءُ- پيٽ سڏرائين ٿيون. ڳوٺاڻن علائقن ۾ ان جي استعمال جو طريقو ٻه هڪجهڙو آهي. گڏريل ڪيترين ئي صدين کان مقامي عورتون سائنين. چينا ۽ سموڪا جو ٻج مختلف کاڌن تيار ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون آيون آهن. اڄ به ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ اڪثر ماڻهو انهن ٽنهي جنسن جي ٻجن مان ڏاري جهڙي مٺي شيءِ/ ڊش تيار ڪن ٿا.



اسپنگر هڪ مشهور ٻوٽو آهي، جنهن کي دوا طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. نئين جي پاڻيءَ سان آباد ٿيندڙ علائقن ۾ عام طور تي اهي گذريل سال جي ٻج مان پيدا ٿيندا آهن. جيڪڏهن سياري جي موسم ۾ ٻوڏ جو پاڻي موجود هجي ته پيداوار ۾ اضافو ٿيندو. هن ٻوٽي جي ڇُهي دائمي پيچش ۽ قبض جي علاج ۾ انتهائي مفيد ثابت ٿيندو آهي. ان مقصد جي لاءِ ان کي گذريل ڪيترين ئي صدين کان ننڍي کنڊ ۽ ٻين علائقن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اسپنگر مان ٺهندڙ دوائون سٺي قيمت ۾ وڪرو ٿين ٿيون. اڄڪلهه تمام گهڻيون دواساز ڪمپنيون اسپنگر مان دوا تيار ڪري نه صرف پاڪستان بلڪ بين الاقوامي مارڪيٽن ۾ به وڪرو ڪري رهيون آهن.

## 3- سفارشون:

جابلو علائقن ۾ نئين جي آبپاشي نظام هيٺ ننڍن فصلن جي پوکيءَ تي خاص ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. انهن ننڍن فصلن جي ڪيترن ئي قسمن بابت مقامي آباديءَ کان سواءِ تمام گهٽ ماڻهو واقف آهن. اهي ٻجن جا نوان قسم تيار ڪرڻ لاءِ جينياتي طور مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. انهن ننڍي فصلن مان حاصل ٿيندڙ پيداوار کي مارڪيٽ ۾ سٺي ناٽي ۾ وڪرو ڪري سگهجي ٿو پر اڃا تائين انهن جي صحيح مُلهه جو اندازو لڳائڻ ۾ تمام گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. مارڪيٽن ۾ ان جو وڪرو ۽ بهتر قيمت حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ تمام گهڻيون رڪاوٽون به آهن. ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ننڍن فصلن جي حاصل ٿيڻ واري پيداوار کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. مثال طور جهنگلي ٻاجين ۽ ڪُنيپون. انهن جي نباتاتي اهميت، ذائقي ۽ معيار کي جانچڻ جي لاءِ اڃا تائين ڪو به ذڪر جوڳو ڪم نه ٿيو آهي. گوار جي ٻج کي صاف ڪري، ان کي بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ وڪري ڪرڻ واري عمل کي وڌيڪ بهتر بنائي سگهجي ٿو.

ننڍن فصلن مان گهٽي کان گهڻو معاشي فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون:

- هڪ مناسب طريقي تحت ننڍن فصلن جي علائقن ۽ انهن جي پيداوار جي استعمال جو نقشو ٺاهيو وڃي. ان ۾ جهنگلي ٻاجين کان سواءِ ساليانا ۽ دائمي فصل به شامل ڪيا وڃن. ان لاءِ ان ڳالهه جو به خيال رکيو وڃي ته پيداوار ۽ ان جي فائدن جا موجوده وقت ۽ مستقبل ۾ ڪهڙا امڪان آهن. اهو به ڏٺو

وڃي ته اهڙن فصلن جي پيداوار مان گهٽي کان گهڻو معاشي فائدو کڻي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ننڍن فصلن مان حاصل ٿيندڙ پيداوار کي متعارف ڪرائڻ لاءِ خاص نمائشن جو انتظام ڪيو وڃي، جتي خريدارن کي انهن جي ضرورت ۽ اهميت بابت ڄاڻ ڏني وڃي.

- اهڙن ننڍن فصلن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي، جن کي منڊين ۾ مناسب اگهه ۾ وڪرو ڪري سگهجي ٿو. زرعي تحقيق تي گهڻو ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن پيداوار کي ڪاميابيءَ سان وڪرو ڪري سگهجي. ان جو هڪ مثال ڪُنيي آهي. جڏهن طلب ۾ اضافو ٿئي ٿو ته پيداوار جي قيمت به پاڻمرادو وڌي ويندي آهي. ايران جا تحقيقي ماهر ڪُنييءَ جي پاڙن تي تحقيق ڪري رهيا آهن. جڏهن ته پاڪستان ۾ اجا تائين ان ڏس ۾ ڪو به خاص ڪم نه ٿيو آهي.
- پيداوار کي مارڪيٽ تائين پهچائڻ واري نظام ۾ مناسب سيڙپڪاري جي ضرورت آهي. ڪجهه ننڍن فصلن جي منڊين ۾ وڪري واري نظام کي مضبوط بنائڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن آبادگارن، ٻج کي خاص عمل مان گذارڻ وارن ۽ ان کي مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪرڻ وارن جي وچ ۾ رابطي واري فاصلي کي گهٽائي سگهجي. منڊين جي ضرورت جي باري ۾ ڄاڻ ۾ واڌارو ڪيو وڃي. معيار ۽ پيداوار کي مارڪيٽ ۾ آڻڻ لاءِ مناسب وقت جو تعين سٺي قيمت حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن مارڪيٽن جو نظام وڌيڪ اثرائتو ۽ قابل عمل هجي ته ان مان نه صرف سيڙپڪاري ۾ اضافو ٿيندو بلڪ مختلف قسمن جي پيداوار جي وڌيڪ قيمت حاصل ٿي سگهي ٿي. ننڍن فصلن کي صرف مقامي مارڪيٽن ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن سان آبادگار انهن جي معيار، خوبين ۽ معاشي فائدن کان محروم رهجي وڃن ٿا. جيئن ته ننڍن فصلن جي پيداوار ۽ وڪري جو ڪو مقرر وقت نه هوندو آهي، جنهن جي ڪري آبادگار کي سٺي قيمت حاصل نه ڪري سگهندا آهن. انهيءَ مسئلي کي حل ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن مارڪيٽ جي نظام ۾ سيڙپ ڪاري ڪري، ان کي بهتر بڻايو وڃي. پيداوار جي درجه بندي ڪري بهتر طريقي سان اگهه تي وڪري جي قابل بڻايو سگهجي ٿو.



## 4_ آر-ڊي-ايف جو تعارف

ريسرچ اينڊ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن (RDF) هڪ غير سرڪاري ادارو آهي، جيڪو 2002ع کان سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڳوٺاڻي سطح تي پائدار روزگار جي وسيلن ۽ زراعت کي هٿي وٺرائڻ، موسمي تبديليءَ ۽ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ تعليم جي بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. مختلف سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي مامرن تي تحقيق ڪري عام ماڻهن، عالمي ادارن، سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن ۽ ميڊيا تائين پهچائڻ آر-ڊي-ايف جي بنيادي مقصدن مان هڪ آهي.

آر-ڊي-ايف آڪسفيم نووب (Oxfam Novib) جي سهڪار سان سنڌ ۾ نئين واري آبپاشي نظام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ منصوبو شروع ڪيو آهي، جنهن تحت سنڌ جي جابلو علائقن ۾ پاڻيءَ جي اهڙن وسلين جي بهتر انتظام ڪاري لاءِ ڳوٺاڻن، سرڪاري ادارن ۽ ميڊيا سان گڏجي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ کي هٿي ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي ته جيئن انهن علائقن ۾ نئين جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ پائيدار بنائي سگهجي. ڇاڪاڻ ته انهن علائقن ۾ پوکي ۽ جانورن توڙي چراگاهن جو دارومدار هن نظام تي آهي. هن پروجيڪٽ جا هيٺيان بنيادي مقصد آهن:

1. مقامي سطح تي نئين جي موجوده نظام بابت تحقيق ڪرڻ ۽ صورتحال جو جائزو وٺڻ.
2. نئين جي اهميت ۽ سنڌ ۾ غربت گهٽائڻ ۾ انهن جي ڪردار بابت آبادگارن، يونيورسٽين جي استادن، شاگردن ۽ آبپاشي عملدارن ۽ عام ماڻهن ۾ جاڳرتا وڌائڻ.
3. سنڌ ۾ نئين ذريعي آبپاشيءَ بابت پاليسي جوڙڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ۽ اهڙي پاليسيءَ جي جوڙجڪ لاءِ سهڪاري ڪردار ادا ڪرڻ.




پاڪستان ۾ نئيُن جي آبپاشيءَ نظام وارن علائقن ۾ ننڍن فصلن جي پوڪ بابت هي معلوماتي ڪتابچو آر-ڊي-ايف پاران آڪسفيم نووب جي مالي سهڪار سان ڇپرايو ويو آهي.

رابطي لاءِ:
ريسرچ اينڊ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن(RDF)
اَي 50، سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد
ٽيليفون: 3-92-22-2102702 فيڪس:92-22-2102704